# پيءُ جنت جو درمياني دروازو آهي

23-August-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# پيءُ جنت جو درمياني دروازو آهي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: منهنجو جيڪو اُمّتي اِخلاص سان مون تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهندو الله پاڪ ان تي ڏهہ (10) رَحمتون نازِل فرمائيندو، ان جا ڏهہ (10) دَرَجا بلند فرمائيندو، ان جي لاءِ ڏهہ (10) نيڪيون لکندو ۽ ان جا ڏهہ (10) گناهہ مٽائيندو. (سنن ڪبرٰی، ڪتاب عمل اليوم ...الخ، باب ثواب الصلاة...الخ، ٦/٢١، حديث: ٩٨٩٢)

ميری زبان تَر رہے ذِکْر و دُرُود سے بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.**

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٿئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دينِ اسلام پيءُ جهڙي محترم هستي جا ڪوڙ حق بيان ڪيا آهن ۽ اسان کي پيءُ جهڙي مهربان ذات سان حُسنِ سُلوڪ ڪرڻ جو واضح حڪم ارشاد فرمايو آهي. تنهنڪري جهڙي طرح اسان پنهنجي ماءُ جي خدمت ڪريون ٿا، ان جي حقن کي ادا ڪريون ٿا ۽ ان سان حُسنِ سُلوڪ ڪريون ٿا، اهڙي طرح اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي والد جي بہ قدر ڪريون، ان جا حق پورا ڪريون، ان جو ادب ڪريون ۽ ان جي خدمت ڪندو رهڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پيءُ جي خدمت ڪرڻ نهايت ئي وڏي سعادت مندي جي ڳالهہ ۽ رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. پيءُ جي خدمت ڪرڻ جي بدلي ۾ الله پاڪ اولاد کي ڪهڙن ڪهڙن اِنعامن ۽

نوازشن سان نوازي ٿو. اچو! هن ضمن ۾ هڪ ايمان افروز حڪايت ملاحظ ڪريو ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ مدني گلن کي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائيندا وڃو، جيئن

## پيءُ جي خدمت جو صِلو

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "الله والون ڪي باتين" جلد 4 صفحي نمبر 14 تي آهي: هڪ شخص جا چار پٽ هئا، اهو شخص بيمار ٿيو تہ انهن مان هڪ چيائين: "يا تہ توهان ٽئي والد جي تيمارداري ڪريو (سار سنڀار لهو) ۽ ان جي ميراث مان پنهنجي لاءِ ڪجهہ حصو نہ وٺو يا مان ان جي تيمارداري ڪيان ٿو ۽ ان جي ميراث مان ڪجهہ حصو نہ وٺندس." ٽنهي چيو: "تون تيمارداري(يعني بيماري جي حالت ۾ خدمت وغيره) ڪر ۽ ميراث مان ڪجهہ حصو نہ وٺجان." پوءِ هو پيءُ جي تيمارداري ڪندو رهيو ايستائين جو والد جو انتقال ٿي ويو، ان ڪري ان وراثت مان بلڪل حصو نہ ورتائين. هڪ رات ان خواب ۾ ڪنهن چوندڙ کي اهو چوندي ٻڌائين: "فلاڻي هنڌ وڃ ۽ اتان 100 دينار ڪڍي وٺ." چوڪري پڇيائين: "ڇا ان ۾ برڪت آهي؟" جواب مليو: "نہ." صبح ٿيو تہ ان خواب پنهنجي گهرواريءَ کي ٻڌايائين، زال چيائين: " تون انهن دينارن کي ڪڍي وٺ، ان جي برڪت اها آهي تہ اسان انهن مان ڪپڙا سبرائينداسين ۽ زندگي گذارينداسين." ان انڪار ڪيائين. اڳئين رات وري ان خواب ۾ ڪنهن کي چوندي ٻڌائين: "فلاڻي هنڌ وڃ ۽ اتان 10 دينار ڪڍي وٺ ." ان پڇائين: "ڇا ان ۾ برڪت آهي؟" جواب مليو: "نہ" صبح ان پنهنجي زال کي خواب ٻڌايائين تہ گهرواريءَ پهرين وانگر چيائين پر ان وري وٺڻ کان انڪار ڪيائين، ٽئين رات ٻيهر ان خواب ۾ ٻڌائين: "فلاڻي هنڌ وڃ ۽ هڪ دينار ڪڍي وٺ." ان پڇا ڪئي: "ڇا هن ۾ برڪت آهي؟" جواب مليو: "ها." پوءِ هو ويو ۽ دينار ڪڍي بازار روانو ٿيو، ان کي هڪ ماڻهو مليو جيڪو ٻہ مَڇيون ڪڍي پيو آيو، چوڪري چيائين: "ان جي قيمت ڇا آهي؟" ان چيائين: "هڪ دينار." چوڪري دينار جي بدلي ٻئي مڇيون

ورتيون ۽ نڪري پيو. گهر پهچي انهن جو پيٽ چيريائين تہ هر هڪ جي پيٽ مان هڪ اهڙو موتي نڪتو جنهن جي مثل ماڻهن نہ ڏٺو هو. هوڏانهن بادشاهہ هڪ شخص کي اهڙو ئي موتي ڳولهڻ يا خريدڻ موڪليو تہ اهو موتي ان چوڪري وٽ مليو، لهٰذا ان اهو موتي سون سان ستيل 30 خچرن جي عيوض وڪڻي ڇڏيو. جڏهن بادشاهہ موتي ڏٺائين تہ چيائين: ”ان جو فائدو انهيءَ صورت ۾ آهي جو ان جهڙو هڪ ٻيو بہ هجي.“ بادشاهہ خادم کي چيائين: ان جهڙو هڪ ٻيو ڳولا ڪر توڙي جو قيمت ٻيڻي ڏيڻي پوي. پوءِ هو ان چوڪري وٽ آيو ۽ چيائين: ”جيڪو موتي اسان توکان خريد ڪيو هو ان جي مثل ٻيو بہ هجي تہ اسان کي ڏئي ڇڏ، اسان توهان کي ٻيڻي رقم ڏينداسين. چوڪري پڇيائين: ”ڇا توهان واقعي ايترو ڏيندؤ؟“ ان چيائين: ”ها.“ پوءِ چوڪري ٻيو موتي ٻيڻي قيمت ۾ (يعني سون ڪان ستيل 60 خچرن جي عيوض) وڪڻي ڇڏيائين. (اللّٰہ والوں کی باتیں،۴/۱۴)

سبحان الله! ڇا شان آهي الله رحمٰن جو، الله ڪريم ڪهڙي طرح پنهنجي ٻانهن کي نوازيندو آهي. سبحان الله!

برادر اعلٰي حضرت ، استادِ زمن، حضرت مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪهڙو نہ خوب فرمائن ٿا:

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حسنؔ بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کار ساز کا

الله پاڪ پنهنجي ڪرم ۽ پنهنجي رحمت سان پنهنجي ٻانهن جا ڪم ٺاهيندو آهي. اچو!هن بابت هڪ آيتِ مبارڪ ٻڌون ٿا. جيئن

سيپارو 22 سورة الاحزاب، آيت نمبر 48 ۾ ارشادِ باري آهي:

وَ تَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿۴۸﴾

ترجمو: ۽ الله تي ڀروسو رک ۽ الله ڪافي آهي ڪارساز.

بيان ڪيل آيتِ مبارڪ جي تحت تفسير صراط الجنان ۾ آهي: جيڪو دنياوي ۽ اخروي ڪمن ۾ الله پاڪ تي ڀروسو رکي ته الله پاڪ ان کي ڪافي آهي.
( روح البيان، الاحزاب، تحت الآية: ۴۸، ۱۹۹/۷-۲۰۰، جلالين مع صاوى، الاحزاب، تحت الآية: ۴۸، ۱۶۴۵/۵- ۱۶۴۶ملتقطاً)(صراط الجنان،۶۱/۸)

معلوم ٿيو! الله پاڪ تي توڪل يعني ڀروسو ڪرڻ عظيم ڪم آهي، تنهنڪري انسان کي گهرجي ته اهي اسباب اختيار ڪري پر الله پاڪ جي ذات تي ڪامل ڀروسو ڪري ۽ پنهنجا معاملا ان جي حوالي ڪري.

اچو! بارگاهِ رسالت ۾ فرياد ڪيون ٿا ته اسان تي اهڙي نظرِ ڪرم ٿي وڃي جو وڏي ڀيڻ ڀاءُ جو چوڻ به ڪريون ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جي خوب خدمت به ڪريون.

بڑے بھائی بہن کا میں کہا مانا کروں ہردم　　کروں ماں باپ کی دِن رات خدمت یارسولَ اللہ

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! قربان وڃجي! ان سعادت مند ۽ عقلمند پٽ جي سمجهداري تي! بلڪل جيڪڏهن هو چاهي ها ته پنهنجي ڀين نالائق ڀائرن وانگر پنهنجي حصي جو مال ڪٽي والدِ محترم جي شفقتن، ان جي خدمت جي بدلي ملڻ واري تمام وڏي ثواب کان پنهنجو پاڻ کي محروم ڪري ها پر اهو خوش نصيب، وفادار، غيرت مند ۽ سمجهدار پٽ هو، فاني دنيوي مال ۽ دولت جي سبب پيءُ جي احسانن کي وسارڻ وارو نه هو، ان کي معلوم هو ته پيءُ جي خدمت ڪرڻ سان الله پاڪ ۽ رسول پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رضا حاصل ٿيندي آهي، ها! ها! هي اها معزز شخصيت آهي، جنهن جي خدمت اولاد کي جنت جو حقدار ڪندي آهي. ان کي اها به خبر هئي ته دولت ته اچڻ وڃڻ واري شيء بلڪ هٿن جو مَرُ آهي، مال وڃي ٿو وڃي پر پيءُ جي خدمت جي سعادت هٿان نه ڇٽي، تنهنڪري ان باڪمال ۽ وفادار پٽ فاني مال ۽ دولت کي موٽائي پنهنجي بيمار والد جو سهارو بڻجڻ کي ترجيح ڏني ۽ آخري پساهه تائين ان جي سار سنڀار ڪرڻ ۾ مشغول رهيو ايستائين جو سندن پيءُ دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، الله پاڪ کي ان لائق پٽ جو پنهنجي والد جي خدمت ڪرڻ جو

عمل ايتري قدر پسند آيو جو ان وفا شعار پٽ کان راضي ٿي الله پاڪ دنيا ۾ ئي پنهنجي نعمتن جي برسات ڪري ڇڏي. الله ڪريم هر مسلمان کي پنهنجي والد جو اطاعت گذار ۽ فرمانبردار بڻائي ۽ انهن جي خدمت ڪندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! پيءُ جا پنهنجي اولاد تي ايتري قدر احسان هوندا آهن جو جيڪڏهن اولاد کي هڪ ته ڇا ڪيئي زندگيون به ملن تڏهن به هو پنهنجي پيءُ جي احسانن جو بدلو نٿو چڪائي سگهي. "پيءُ" قُدرت جو اَنمول تحفو آهي، پيءُ جو فرمانبردار الله پاڪ ۽ رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي رِضا ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، پيءُ خاندان ۾ اَولاد جي سڃاڻپ جو ذريعو آهي، پيءُ جو خدمت گار چين ۽ سُڪون جي زندگي گذاريندو آهي، پيءُ کي راضي رکڻ اولاد تي لازم آهي، پيءُ جي حقن کان آزاد ٿيڻ ناممڪن آهي، پيءُ صبح سويري ڪم ڪار جي لاءِ گهران نڪرندو آهي سڄو ڏينهن محنت مزدوري ڪري اولاد جو پيٽ ڀريندو آهي، پيءُ اَولاد جي ترقّي لاءِ هميشه تڙپندو رهندو آهي، پيءُ پنهنجي اَولاد جي ڀلائي چاهڻ وارو هوندو آهي، پيءُ پنهنجي اولاد تي احسان ڪندو آهي، پيءُ بيمار اَولاد تي خرچ به ڪندو آهي،۽ وقت به ڏيندو آهي، پيءُ بيمار اَولاد خاطر سخت سياري ۾ به سڄي سڄي رات جاڳي گذاريندو آهي، پيءُ بيمار اولاد خاطر مهانگين اسپتالن جا چڪر لڳائيندو ۽ مهانگيون دوائون به خريد ڪندو آهي، پيءُ اَولاد جو مستقبل سَنوارڻ جي لاءِ پنهنجون تمام تر توانائيون اَولاد جي لاءِ وَقف ڪندو آهي، پيءُ اَولاد جي لاءِ سائيدار وڻ جيان هوندو آهي، پيءُ پاڻ گرمي برداشت ڪري اَولاد کي آرام ۽ سُڪون پهچائيندو آهي، پيءُ اَولاد جي راحت خاطر پاڻ تڪليفون سهندو آهي، پيءُ اَولاد جا ناز نخرا سهندو آهي، پيءُ قَرض کڻي به اَولاد جي خواهشن کي

پُورو ڪندو آهي، **پيءُ** پنهنجي ٻارن جي امڙ جي وَفات کان بعد اَولاد کي انهن جي ماءُ جي ڪمي محسوس نہ ٿيڻ ڏيندو آهي، **پيءُ** اَولاد جي پيدائش کان پهريان، پيدائش دَوران ۽ بعد جي خرچن کي برداشت ڪندو آهي، **پيءُ** اَولاد کي چڱو انسان ناهيندو آهي، پيءُ اولاد کي ڪامياب انسان ڏسڻ پسند ڪندو آهي، پيءُ اولاد کي عام طور آسائشون مهيا ڪندو آهي، **پيءُ** اولاد جي تعليم جو خرچو برداشت ڪندو آهي، **پيءُ** اولاد کي مايوسي جي دلدل مان ڪڍڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو آهي، **پيءُ عام طور** اولاد جي لاءِ سنو ئي سوچندو آهي، **پيءُ** وقت بوقت پنهنجي اولاد کي مفيد مشورن سان نوازيندو آهي، پيءُ اولاد کي پنهنجي زندگي جي تجربن کان آگاهہ ڪندو آهي، **پيءُ** اولاد کي موجوده ۽ آئنده ايندڙ خطرن ۽ فتنن کان باخبر ڪندو آهي، پيءُ اولاد کي ڪامياب زندگي گذارڻ جا اُصول سيکاريندو آهي، **پيءِ** اولاد کي پنهنجي پرائي جو فرق ٻڌائيندو آهي، پيءُ اولاد کي خوش ڏسي خوش ٿيندو ۽ اولاد کي ڏک تڪليف ۾ مُبتَلا ڏسي بي قرار ٿي ويندو آهي، ائين بہ ٿيندو آهي تہ پيءُ اولاد جون سخت ڳالهيون ٻڌي بہ خاموش رهندو آهي، **پيءُ** اولاد جي چهري مان ئي ان جي حاجتن ۽ پريشانين کي سمجهي ويندو آهي، **پيءُ** مشڪلات ۾ اَولاد جي همت وڌائيندو آهي، **پيءُ** معذور اَولاد کي بہ بي سهارو ناهي ڇڏيندو، **پيءُ** نافرمان اَولاد جي لاءِ بہ پنهنجي محبتن جا دروازا کُليل رکندو آهي، **پيءُ** نہ هجي تہ گهر ويران ٿي ويندو آهي ۽ **پيءُ** سان حُسنِ سُلوڪ ڪرڻ جو حڪم قرآنِ ڪريم ۽ احاديثِ ڪريمہ ۾ بيان ٿيو آهي، جيئن

سپارو 15 سُوره بَني اِسرائيل جي آيت نمبر23 ۽ 24 ۾ الله پاڪ اِرشاد فرمائي ٿو:

وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّ لَا تَنْهَرْهُمَا وَ قُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿۲۳﴾ وَ اخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَ قُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿۲۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪريو جيڪڏهن تنهنجي سامهون انهن مان هڪڙو يا ٻئي پوڙهاپ کي پهچي وڃن تہ انهن کي اُف (هون) نہ چئجان ۽ نہ انهن کي جهڙڪ ۽ انهن سان ڳالهہ تعظيم واري ڳالهاءِ ۽ انهن جي واسطي عاجزي جا پر وڇاءِ، نرم دلي سان عرض ڪر اي منهنجا رب تون انهن ٻنهي تي رحم ڪر جيئن انهن ٻنهي مون کي ننڍپڻ ۾ پاليو.

حضرت علاّمہ مَولانا سَيد مُفتي محمد نعيمُ الدّين مُرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هنن آيتن سڳورين جي تحت فرمائن ٿا: جڏهن والِدَين تي ضُعف (ڪمزوري) جو غَلَبو هجي، عضوئن ۾ قُوّت نہ رهي ۽ جيئن تون ننڍپڻ ۾ انهن وٽ بي طاقت هئين ائين ئي هو بہ عُمر جي آخر ۾ تو وٽ ڪمزور رهجي وڃن. تہ ڪا اهڙي ڳالهہ زبان مان نہ ڪيجان، جنهن مان اهو سمجهيو وڃي تہ انهن جي طرفان طبيعت تي ڪجهہ ڳراني (بوجهہ) آهي. نہ اُنهن کي دڙڪا ڏجان، نہ تيز آواز سان ڳالهہ ڪجان بلڪ ڪمالِ حُسنِ اَدب (تمام سٺي ادب) سان ماءُ پيءُ سان اهڙي طرح ڪلام ڪر جيئن غُلام ۽ خادِم (پنهنجي) آقا سان ڪندو آهي. انهن سان نَرمي ۽ عاجزي سان پيش اچ، ۽ انهن سان ٿڪل وَقت ۾ شَفقت ۽ مَحَبَّت ڀريو ورتاؤ ڪر ڇوتہ اُنهن تنهنجي مجبوري جي وَقت توکي مَحَبَّت سان نپايو هو ۽ جيڪا شيء انهن کي کپي تہ انهن تي خَرچ ڪرڻ ۾ ڪنجوسي (بُخل) نہ ڪر. مطلب هي آهي تہ دنيا ۾ بهتر سُلُوڪ ۽ خدمت ۾ ڪيترو بہ مُبالَغو ڪيو وڃي پر والِدَين جي اِحسان جو حق ادا نٿو ٿي سگهي، ان ڪري انسان کي گهرجي تہ بارگاهِ اِلٰهي ۾ انهن تي فَضل ۽ رَحمت فرمائڻ جي دُعا ڪري ۽ عَرض ڪري تہ ياربّ! منهنجون خدمتون انهن جي احسان جي جَزا (بدلو) نٿيون ٿي سگهن پوءِ تون انهن تي ڪرم ڪر تہ انهن جي اِحسان جو بدلو ٿئي.

اُستاد کی کرتا رہوں ہر دم میں اِطاعت    ماں باپ کی عزّت کی بھی توفیق خدا دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!    صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! هاڻي احاديثِ مبارڪ جي روشني ۾ پيءُ جي شان ۽ پيءُ سان حُسنِ سُلوڪ ڪرڻ جي اهميت تي مشتمل 6 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو، جيئن

(1) ارشاد فرمايائون: پيءُ جنت جو وچون دروازو آهي، تنهنجي مرضي آهي، ان جي حفاظت ڪر يا ان کي ڇڏي ڏئي.

(ترمذي، كتاب البر والصلة،باب :ماجاء من الفضل في رضا الوالدين ،٣/ ٣٥٩، حديث:١٩٠٦)

(2) ارشاد فرمايائون: پٽ پنهنجي پيءُ جو حق ادا نٿو ڪري سگهي ايستائين جو پٽ پنهنجي پيءُ کي غلام ڏسي ۽ ان کي خريدي آزاد ڪري ڇڏي.

(مسلم،كتاب العتق،باب فضل عتق الوالد،حديث:٣٧٩٩،ص٦٢٣)

(3) ارشاد فرمايائون: ربّ جي رضا پيءُ جي رضا مندي ۾ آهي ۽ ربّ جي ناراضي پيءُ جي ناراضي ۾ آهي.

(ترمذي، كتاب البر والصلة، باب ما جاء من الفضل في رضا الوالدين، ٣/٣٦٠، حديث: ١٩٠٧)

(4) ارشاد فرمايائون: الله پاڪ جي اطاعت والد جي اطاعت ڪرڻ ۾ آهي ۽ الله پاڪ جي نافرماني والد جي نافرماني ڪرڻ ۾ آهي.

(معجم اوسط، باب الالف، من اسمه: احمد، ١/٦١٤، حديث: ٢٢٥٥)

(5) ارشاد فرمايائون: جنهن پنهنجي والدين يا انهن مان ڪنهن هڪ کي ڏٺائين ۽ ان سان حسنِ سلوڪ نہ ڪيائين هو الله ڪريم جي رحمت کان پري ٿيو ۽ خدا جي غضب جو مستحق ٿيو. (معجم كبير، ١٢/٦٦، حديث: ١٢٥٥١)

(6) ارشاد فرمايائون: توهان مان ڪو پنهنجي پيءُ کي بلڪل گار نہ ڏي.

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهم عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڪو شخص پنهنجي پيءُ کي ڪيئن گار ڏئي سگهي ٿو؟ ارشاد فرمايائون: اهو ڪنهن شخص جي پيءُ کي گار ڏيندو تہ هو ان جي پيءُ کي گار ڏيندو.

(مسلم ،كتاب الايمان ،باب الكبائر واكبرها ،حديث:٢٦٣،ص٦٠ملخصاً)

اچو! بارگاهِ الٰهي ۾ دُعا ڪريون ٿا:

مُطِیْع اپنے ماں باپ کا کر میں اُن کا ہر ایک حکم لاؤں بجا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! الله پاڪ والد کي ڪيڏي بلند شان جو مالڪ بڻايو آهي جو الله پاڪ پنهنجي رضا ۽ فرمانبرداري کي پيءُ جي رضا ۽ فرمانبرداري تي موقوف فرمائي ڇڏيو . تيڻ تہ اهو گهرجي تہ اسان الله پاڪ ۽ رسول ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن تي لبيڪ چوندي دل ۽ جان سان ماءُ پيءُ جي خدمت ڪري انهن جون دعائون وٺون ها، ماءُ پيءُ جي حقن کي پورو ڪريون ها، ماءُ پيءُ جي هر جائز حڪم جي پيروي ڪريون ها، ماءُ پيءُ جي سڏ تي لبيڪ چوندي انهن جي خدمت ۾ ڊوڙندا هليا اچون ها، ماءُ پيءُ جي ضرورتن کي پنهنجي ضرورتن تي مقدم رکون ها، ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ کان پنهنجو پاڻ کي بچايون ها، مشڪل حالات، بيماري ۽ پوڙهائپ ۾ اُنهن جو سهارو ٿيون ها، مطلب تہ هر طرح سان ماءُ پيءُ کي راضي رکڻ جي ڪوشش ڪريون ها پرافسوس! صد هزارافسوس! عِلمِ دين کان دوري جي ڪري اڄ پيءُ مظلوم ترين ماڻهن جي صف ۾ شامل ٿي چڪو آهي، ڏيئرون تہ عام طور پيءُ جو خيال ڪنديون آهن پر پٽن پاران اڪثر پيءُ کي ڏکن ۽ تڪليفن جو ئي منهن ڏسڻو پوندو آهي، افسوس! ڪافرن ۽ اسلام جي دشمنن جي طريقن کي ڏسي ڏسي هاڻي پيءُ جهڙي عظيم هستي سان نوڪرن وارو سُلوڪ ڪيو پيو وڃي، بدقسمتي سان پيءُ سان بدسُلوڪي جي واقعن ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي، گهر جا سمورا ڪم پيءُ کان ڪرايا پيا وڃن ايستائين

جو گھر جو ڪچرو ڪٺڻ ۾ گٽر ڪولرائڻ جو ڪم به پيءُ کان ورتو پيو وڃي، پھريان جي دور ۾ ٻار ڊڄندا هئا ته ڪٿي پيءُ ناراض نه ٿي وڃي پر هاڻ حال هي آهي ته پيءُ ڊڄندو آهي ته ڪٿي ٻار ناراض نه ٿي وڃن، هڪ اڪيلو پيءُ 5 ٻارن کي پاليندو آهي پر 5 ٻار هڪ پيءُ کي نٿا سنڀالي سگھن، پيءُ نصيحت ڪري ته جھڻڪي ان جي ڳالھ کي توجھ ناهي ڏني ويندي، پيءُ خرچو گھري ته طرح طرح جي حيلن بھانن کان ان کي ٽاريو ويندو آهي، پيءُ اولاد جي بھتري جي لاءِ ڪجھ سخت جملا چئي ته نرڙ تي گھنج اچي ويندا آهن ۽ نادان اولاد زبان درازي تي لھي ايندو آهي، پيءُ بيمار ٿئي ته ان کي اسپتال ڪٺي وڃڻ جي لاءِ ڪو تيار ناهي ٿيندو، پيءُ جيستائين ڪمائڻ جي مشين بڻيل رهي ته گھٽو وٽندو آهي پر جيڪڏهن بيمار ٿي وڃي، ڪم ڪار جي لائق نه رهي، اولاد جي مزاج جي خلاف ڪو فيصلو ڪري، اولاد کي ڪنھن نقصان پھچائڻ واري ڪم کان منع ڪري، اهڙي صورت ۾ به اولاد کي سمجھ ۾ ناهي ايندو، پيءُ  خرچو نه ڏئي سگھي يا پوڙهائپ جي ويجھو پھچي ته اولاد وٽ ان جي اهميت ڪنھن بيڪار شيء کان گھٽ ناهي رهجي ويندي، ٻارن جي اَمڙ جي انتقال کان بعد عُموماً پيءُ جي دنيا بي رونق ٿي ويندي آهي، ان کي اڪيلائپ ڏکي لڳندي آهي، اهڙي ۾ ان کي اولاد جي همدردي جي وڏيڪ ضرورت ٿيندي آهي پر اولاد پنھنجو پاڻ ۾ ڪجھ اهڙو مگن ٿيندو آهي جو ان وٽ پيءُ جو حال پڇڻ جي لاءِ ڪجھ لمحا به ناهن نڪري سگھندا، خاص ڪري شادي کان بعد پيءُ تي ظلم و ستم جي حد ڪندا آهن ان جو تصور ئي دل ڏڪائڻ وارو آهي، پيءُ لکين روپيا خرچ ڪري ٻارن جون شاديون ڪندو آهي پر شادي ٿيندي ئي اولاد ۽ انھن جون زالون ان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏينديون آهن، اهو اولاد جنھن کي پيءُ وڏي ناز نخرن سان پاليو هو، جنھن کي روئي روئي خدا کان گھريو هو، علاج معالجي تي سڄي زندگي جي جمع ڪيل دولت خرچ ڪري ڇڏي هئي، اولياءِ ڪرام جي مزارن تي وڃي دعائون گھريون هيون، نيڪ ٻانھن کان دعائون ڪرايون هيون، افسوس! هڪ ڏينھن اهو ئي اولاد

پنهنجي گهروارين کي خوش ڪرڻ خاطر پنهنجي پيءُ کي ناراض ڪندو، ان جي دل ڏکائيندو ۽ ڏکا ڏئي بي گهر ڪندو آهي يا وري اولڊ هاؤس(Old House) ڇڏي ايندو آهي، جتي ان کي اولاد سان گڏ گهاريل گهڙيون ۽ ان جون يادون گهڻو ستائينديون ۽ خوب رُوئارينديون آهن، پيءُ هر گذرندڙ ڏينهن اها اميد لڳائيندو آهي تہ شايد اڄ منهنجو اهو جگر جو ٽڪڙو مون کي وٺڻ ايندو جنهن کي مون وڏي تڪليف سان پاليو هو، جنهن جي بيماري تي ان جو علاج ڪرائيندي منهنجي راتين جون ننڊون قربان ٿيون هون، اڄ منهنجو اهو پٽ وٺڻ ايندو جنهن جي آواز دل کي وڻندي هئي ۽ منهنجي سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ پري ٿي ويندي هئي، منهنجو پٽ مون کي سيني سان لڳائيندو، مون کي گهر وٺي ويندو پر هاءِ! صبح ۽ شام گزرندا ويندا آهن پر نہ ڪو وٺڻ ايندو آهي نہ ئي ڪنهن جي فون ايندي آهي. .الامان والحفيظ.

مشهور چوڻي آهي: "**جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي**"! تہ اڄ جيڪڏهن اسان پنهنجي پيءُ سان اهڙي طرح جو ناپسنديده سُلوڪ ڪنداسين تہ ممڪن آهي تہ سڀاڻي اسان جا ٻار بہ اسان سان اهڙي طرح جو سلوڪ ڪن، جيئن تہ

## جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي

حديث پاڪ ۾ آهي: كَمَا تَدِينُ تُدَانُ يعني جهڙو ڪندو اهڙو پريندو. (مصنف عبدالرزاق،ڪتاب الجامع،باب الاغتياب والشتم،١٠ / ١٨٩،حديث: ٢٠٤٣٠)

حضرت علّامہ عبدُالروؤف مُناوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه "كَمَا تَدِينُ تُدَانُ" جي وضاحت ۾ لکن ٿا: يعني جهڙو توهان ڪندو تهڙو توهان کي ان جو بدلو ملندو، جيڪو توهان ڪنهن سان ڪندو اهو ئي توهان سان ٿيندو. (التيسير بشرح الجامع الصغير،٢٢٢/٢)

اعليٰ حضرت، امامِ اهلِسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضاخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: بي عقل ۽ شرير ۽ ناسمجهہ جڏهن طاقت ۽ توانائي حاصل ڪندا آهن تہ پوڙهي پيءُ تي ئي زور آزمائي ڪندا آهن ۽ ان جي حڪم جي خلاف ورزي

اختيار ڪندا آهن جلد نظر اچي ويندو تہ جڏهن پاڻ پوڙها ٿيندا تہ پنهنجي ڪرڙي جي جزا پنهنجي هٿ سان چکندا. (فتاوي رضويه، ۴۲۴/۲۴)

ديکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت
سچ ہے کہ بُرے کام کا اَنجام بُرا ہے

اچو! هاڻي دل پڪڙي پيءُ سان بدسلوڪي ڪرڻ جي عبرت ناڪ انجام تي مشتمل 3 فڪر انگيز حڪايتون ٻڌو ۽ عبرت حاصل ڪريو،

## (1) پيءُ سان بدسلوڪي جو انجام

حضرت سيدُنا عبدُ الله بن مسلِم بن قُتَيبَہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن ”اَردَشِير“ نالي بادشاهہ پنهنجي حڪومت (Government) کي مستحڪم ڪري ورتائين تہ ننڍن ننڍن بادشاهن ان جي تابع رهڻ جو اقرار ڪيائون. هاڻ ان جي نگاهہ نهايت وڏي قريبي سلطنت ”سُريانِيہ“ ڏانهن هئي. اَردَ شِير ان ملڪ تي ڪاهہ ڪئي، اتي جو بادشاهہ هڪ وڏي شهر ۾ قلعہ بند هو. اَردَ شِير شهر جو محاصرو ڪيائين پر ڪافي عرصو گذرڻ جي باوجود بہ هو ان شهر کي فتح نہ ڪري سگهيو. هڪ ڏينهن بادشاهہ جي ڌيءَ قلعي جي پٽ تي چڙهي تہ اوچتو ان جي نظر اَردَ شِير تي پئي. شهزاديءَ ان جي محبت ۾ گرفتار ٿي وئي ۽ عشق جي باهہ ۾ تڙپڻ لڳي، نيٺ نفس جي هٿان مجبور ٿي ان هڪ تير تي اها عبارت لکي: ”اي حسين وجميل بادشاهہ! جيڪڏهن تون مون سان شادي ڪرڻ جو وعدو ڪرين تہ مان تو کي اهڙو ڳجهو رستو ٻڌائينديس، جنهن جي ذريعي تون ٿوري تڪليف کان بعد آساني سان هن شهر کي فتح ڪري وٺندين.“ پوءِ شهزادي اهو تير اَردَ شِير بادشاهہ ڏانهن اڇلايو. ان تير تي لکيل عبارت پڙهي ۽ هڪ تير تي اهو جواب لکيائين: ”جيڪڏهن تون اهڙو رستو ٻڌايو تہ تنهنجي خواهش ضرور پوري ڪئي ويندي اهو اسان جو واعدو آهي.“ ۽ تير شهزادي ڏانهن اڇلايائين. شهزاديءَ اها عبارت پڙهي تہ هڪدم ڳجهي رستي جو پتو لکي تير بادشاهہ ڏانهن اڇلايائين. شهوت هٿان مجبور

ٿيندڙ ان بي مُرُوَّت شهزاديءَ جي ٻڌايل رستي تان اَردَ شِير بادشاهه تمام جلد ان شهر کي فتح ڪري ورتو.

غفلت ۽ بي خبري جي عالم ۾ ڪوڙ سارا سپاهي هلاڪ ٿي ويا ۽ شهر جو بادشاهه يعني ان شهزاديءَ جو پيءُ به قتل ڪيو ويو. وعدي موجب اَردَ شِير شهزاديءَ سان شادي ڪري ورتي، شهزادي کي نه ته پنهنجي پيءُ جي هلاڪت جو غم هو ۽ نه ئي پنهنجي ملڪ جي بربادي جي ڪا پرواهه. بس پنهنجي نفساني خواهش جي مطابق ٿيڻ واري شادي تي اها بيحد خوش هئي. ڏينهن گذرندا رهيا، ان جي خوشين ۾ اضافو ٿيندو رهيو. هڪ رات جڏهن شهزادي بستر تي ليٽي ته ڪافي دير تائين ان کي ننڊ نه آئي اها بي چيني سان هر هر پاسا بدلجندي رهي. اَردَ شِير ان جا اها حالت ڏٺي ته چيائين: ”چا ڳالهه آهي؟ تون کي ننڊ چو نه پئي اچي؟“شهزادي چيائين: ”منهنجي بستر تي ڪا شيءِ آهي جنهن جي ڪري مون کي ننڊ نه پئي اچي.“ اَردَ شِير جڏهن بستر ڏٺائين ته ڪجهه ڏاڳا هڪ هنڌ گڏ هئا جنهن سبب شهزاديءَ جو انتهائي نرم ۽ نازڪ جسم بي چين ٿي رهيو هو. اَردَ شِير کي ان جي جسم جي نرمي ۽ نزاڪت تي گهڻو تعجب ٿيو. ان پڇيائين: ”تنهنجو پيءُ تون کي ڪهڙي غذا کارائيندو هو جنهن جي ڪري تنهنجو جسم ايترو نرم ۽ نازڪ آهي؟“ شهزادي چيائين: ”منهنجي غذا مکڻ، هڏين جو مِکُ، ماکي ۽ مغز هوندي هئي.“ اَردَ شِير چيائين: ”تنهنجي پيءُ جيان آسائش ۽ آرام تون کي ڪڏهن ڪنهن نه ڏنو هوندو. تو ان جي احسان ۽ قرابت جو ايترو بُرو بدلو ڏنو جو ان کي قتل ڪرائي ڇڏيو. جڏهن تون پنهنجي شفيق پيءُ سان ڀلائي نه ڪري سگهين ته مان به پنهنجو پاڻ کي تو کان محفوظ نٿو سمجهان.“ پوءِ اَردَ شِير حڪم ڏنائين: ”هن جي مٿي جي وارن کي طاقتور گهوڙي جي پڇ سان ٻڌي گهوڙي کي تيزي سان ڊوڙايو وڃي.“ حڪم جي پيروي ٿي ۽ ڪجهه ئي لمحن ۾ ان نفس پرست شهزادي جو جسم ٽڪر ٽڪر ٿي ويو. (عيون الحکايات، ٢٣١/٢)

دُنیا کو تُو کیا جانے یہ بِس کی گانٹھ ہے حَرّافہ

صورت دیکھو ظالم کی تو کیسی بھولی بھالی ہے
شہد دِکھائے زہر پلائے، قاتل، ڈائن، شوہر کش
اس مردار پہ کیا للچایا دنیا دیکھی بھالی ہے

(1) مختصر وضاحت: هي دنيا جيڪا بظاهر توکي ڀولي ڀالي ۽ سڌي سادي ڏسڻ تي اچي، تون نٿو ڄاڻين ته اها ظالم دنيا ڪهڙي مڪار ۽ زهر جي ٿيلي آهي، ان وڏن وڏن جو خانو خراب ۽ ٻيڙو ٻوڙيو آهي.

(2) هي دنيا ظالم ۽ مڪار آهي شهد(ماکي) ڏيکاري زهر پياريندي آهي. اهڙي قاتل آهي جو پنهنجي محبت ڪندڙ جو ئي رت چوسيندي آهي ۽ ان کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندي آهي، پوءِ اهڙي مردار دنيا تي ڇو مريو وڃي، هزارين ماڻهو ان کي آزمائي چڪا آهن ۽ آزمايل شيءِ کي وڌيڪ ڇا آزمائڻ.

## (2) اهوانهيءَ جو بدلو آهي

حضرتِ سيّدُنا ثابت بُناني رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا ته هڪ جاءِ تي هڪ شخص پنهنجي پيءُ کي ماري رهيو هو. ماڻهن ان کي ملامت ڪئي ته اي بدبخت هي ڇا پيو ڪرين؟ ان تي ان جو پيءُ چوڻ لڳو ته ان کي ڇڏي ڏيو. مان به انهيءَ جاءِ تي پنهنجي پيءُ کي ماريندو هئس، اهو ئي سبب آهي جو منهنجو پٽ به مون کي انهيءَ جاءِ تي ماري رهيو آهي. هي ان جو ئي بدلو آهي، ان کي ملامت نه ڪيو. (تنبيه الغافلين، باب حق الولد علي الوالد ،ص٦٩)

## (3) سياڻي ساڄيوانجام منهنجو ٿيندو

چون ٿا ته هڪ جوان پنهنجي پوڙهي پيءُ کان تنگ اچي ان کي دريا ۾ اڇلائڻ ويو. پيءُ چيائين: پٽ! مون کي ٿورو اڳتي اوڳتي اونهائي ۾ ڪٽي اڇلائي. پٽ چيائين: هتي ڪناري تي ڇو نه ۽ اتي اونهائي ۾ ڇو؟ پيءُ جواب

ڏنائين: ان ڪري جو هتي تہ مون پنهنجي پيءُ کي اجلايو هو. هي ٻڌي پٽ ڏکي ويو تہ سياڻي منهنجو بہ ساڳيو ئي انجام ٿيندو. هو پيءُ کي گهر وٺي آيو ۽ ان جي خدمت شروع ڪري ڇڏي. (جيسی کرنی ويسی بهرنی، ص۹۰)

دِل دُکھانا چھوڑ دیں ماں باپ کا ورنہ ہے اِس میں خَسارہ آپ کا

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "مدرسة المدينہ بالغان"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! پيءُ سان بدسُلوڪي ڪرڻ ڪيتري قدر تباهہ ڪن آهي جو اللّٰه پاڪ دنيا ۾ ئي ان جي سزا ٻانهي کي ڏئي ڇڏيندو آهي. تہ اچو! اڄ اسان سڀئي نِيت ڪريون ٿا تہ اڄ کان خاص ڪري پنهنجي والد کي نہ ستائينداسين، انهن جو دل نہ ڏکائينداسين، والد جي هر جائز حڪم جي پيروي ڪنداسين، والد جي رضا وارا ڪم ڪنداسين، والد جي ناراضي وارن ڪمن کان بچنداسين، جنهن ڪم کان هو منع ڪندا جيڪڏهن ڪا شرعي خرابي نہ هجي تہ هڪدم ان ڪم کان رڪي وڃو، سڄي زندگي انهن جي فرمانبرداري ڪنداسين. اها مدني سوچ ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهي ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ حصو وٺندا رهنداسين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. ياد رهي! 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم "مَدرَسة المدينہ بالِغان" ۾ پڙهڻ يا پڙهائڻ بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان دُرُست قرآنِ ڪريم پڙهڻ نصيب ٿيندو آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان نماز، وُضو ۽ غُسل وغيره ضروري اَحڪام سکڻ جو بهترين ذَريعو آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان ۾ حاضِري جي بَرَڪت سان چڱي صُحبت مُيسّر ٿيندي آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ پڙهائڻ جي سعادت ملندي آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان عِلمِ دِين جي دَولت نصيب ٿيندي آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان مَدَني

اِنعامات تي عمل جو جذبو ملندو آهي، ❖ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينہ ڪان رسالو”مدرسة المدينہ بالغان“ بہ شايع ٿي چڪو آهي، هن عظيم الشان رسالي ۾ معلومات جو انمول خزانو آهي، هن رسالي جي مطالعي سان توهان ڄاڻي سگهندؤ: قرآن ڪرم پڙهڻ جا فضائل، قرآن پاڪ سيکارڻ جي لاءِ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو پري پري تائين سفر، درست قرآنِ ڪريم پڙهڻ جو شرعي حڪم، مدرسة المدينہ جا 7 مدني مقصد، مدرسة المدينہ بالغان جا طالب علم مفتي ڪيئن بڻيا؟. اچو! هڪ مَدَني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## ماءُ پيءُ جي عزت ڪرڻ وارو بڻجي ويو

مرڪز الاولياء(لاهور) جو هڪ اسلامي ڀاءُ گناهن جي وادين ۾ گم هو، نہ حقوق الله جي ادائگيءَ جي طرف ڪا توجهہ هئي ۽ نہ ئي حقوق العباد جي فڪر. ان ڪان علاوه والدين جي نافرماني ۽ ڀيڻ ڀائرن کي ماري ڪٽي انهن جي دل آزاري جو سبب بڻجندو هو. ان جي سعادتن جي معراج جو سفر ڪجهہ هيئن شروع ٿيو جو هڪ ڏينهن هڪ دعوت اسلامي جي مبلغ سان ان جي ملاقات ٿي وئي، سلام ۽ مصافحي ڪان بعد ان انفرادي ڪوشش ڪندي دعوت اسلامي جي هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪئي، پوءِ اهو ٻين اسلامي ڀائرن سان گڏ اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويو. ان کي تلاوت ۽ نعت ڪان بعد ٿيڻ واري سنتن ڀري بيان ۾ وڏو مزو آيو. ان سچي دل سان توبهہ ڪئي ۽ اجتماع جي ختم ٿيڻ تي سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ مريد ٿيڻ جي لاءِ پنهنجو نالو پيش ڪري ڇڏيو. ان ڪان پوءِ اهو مسلسل هفتہ وار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ لڳو ايستائين جو مٿي تي سبز سبز عمامي جو تاج سجائي ورتو ۽ ڏاڙهي جي نور سان پنهنجي چهري کي سيڪاري ڇڏيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني ماحول جي برڪت سان والدين ڪان معافي تلافي ڪري نہ صرف انهن جي عزت ڪرڻ لڳو بلڪ رشتيدارن محلي وارن سيني جي ويجهو با وقار ۽ عزدار بڻجي ويو.

بُری صُحبتوں سے کنارہ کشی کر کے اچھوں کے پاس آکے پا مَدَنی ماحول
تمہیں لُطف آجائے گا زندگی کا قریب آکے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور هر پيءُ جي اها دلي خواهش هوندي آهي تہ **”منهنجو اولاد منهنجو فرمانبردار رهي، مون سان سٺو سلوڪ ڪري، نيڪ، متقي و پرهيز گار بڻي، مُعاشري ۾ عزّت دار ۽ پاڪيزه ڪردار وارو ٿئي“** پر اڪثر نتيجو ان جي اُبتڙ ٿي ايندو آهي. ڇو؟ ان ڪري جو جيڪو پيءُ تربيتِ اولاد جي بنيادي اسلامي اُصولن کان ئي ناواقف، بي عمل ۽ چڱي ماحول جي برڪتن کان محروم هوندو تہ هو ڀلا ڪيئن پنهنجي اولاد جي چڱي تربيت ڪري سگهندو؟. شايد انهيءَ ڪري اڄ اولاد جي تربيت جو معيار اهو بڻجي چڪو آهي جو ٻار جيڪڏهن ڪم ڪار نہ ڪري، اسڪول، ڪوچنگ سينٽر، ٽيوشن يا اڪيڊمي مان موڪل ڪري يا ان معاملي ۾ سُستي جو شڪار ٿئي، ڪنهن تقريب ۾ وڃڻ جو يا مخصوص لباس ۽ جوتا پائڻ جو چيو وڃي ۽ هو ان تي راضي نہ ٿئي، اهڙي طرح ٻين دنيوي معاملات ۾ هو **”اگر مگر“** ۽ **”جيئن تہ، پوءِ“** کان ڪم وٺي يا هٺ ڌرمي جو مظاهرو ڪري تہ ان جو نيڪ ناڪ نوٽس ورتو ويندو آهي، خوب ڪلاس ورتي ويندي آهي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليڪچر ڏنا ويندا آهن، ايستائين جو مارڪٽ کان بہ پاسو ناهي ڪيو ويندو پر جيڪڏهن اهو ئي ٻار نمازون قضا ڪري يا جماعت کان نماز نہ پڙهي، مدرسي يا جامعہ جي موڪل ڪري يا دير سان وڃي، سڄي سڄي رات آواره گردي ڪري، موبائل ۽ سوشل ميڊيا (Social Media) جي ذريعي نا محرمن سان ناجائز تعلقات قائم ڪري، موبائل يا نيٽ جو غلط استعمال ڪري، عشقِ مجازي جي آفت ۾ گرفتار ٿي وڃي، فلمون ڊراما ڏسي، گانا باجا ٻڌي، نت نوان فيشن اپنائي، حرام ۽ حلال جي پروا نہ ڪري، شراب پيئي، جُوا کيڏي، ڪوڙ ڳالهائي، غيبتون ڪري، رشوتن جي ڏيتي ليتي ڪري، ناجائز فيشن

اپنائي، بد عقيده ماڻهن جي صحبت ۾ ويهي، فُضول ڪمن ۾ پيسو برباد ڪري، مطلب تہ طرح طرح جي بُرائين ۾ مُبتَلا ٿي وڃي پر ان مُعاملات ۾ ان ڪان پڇا ڳاڇا ڪرڻ تہ رهي پري جي ڳالهہ آهي پيءُ جي پيشاني تي گهنج تائين ناهي ايندو. اهي نظاره بہ ڏسڻ جي لاءِ ملندا آهن جو ڪو اصلاح ڪري بہ تہ پيءُ چوندو آهي”اجا تہ هي ٻار آهي“، ”نادان آهي“، ”آهستي آهستي سمجهي ويندو“، ”ٻارن تي ايتري بہ سختي نہ ڪرڻ گهرجي“ وغيره. اسلامي تربيت ڪان محروم، حد ڪان وڌيڪ لاڏ پيار ۽ ڊِر ڏيڻ جي اهو ئي ٻار جڏهن پيءُ، خاندان ۽ معاشري جي بدنامي جو سبب ٿيندو آهي، ڏڙڪا ڏيڻ يا پيسا نہ ڏيڻ تي پيءُ کي اکيون ڏيکاري، ڏڙڪا يا پيءُ تي هٿ کڻي ٿو تہ ان وقت پيءُ کي خير خواهن جون نصيحتون ياد اچڻ لڳنديون آهن، هاڻ پيءُ ان جي اصلاح جي لاءِ تڙپندو، دعائون ڪندو ۽ ڪرائيندو آهي پر اصلاح جي ڪا صورت نظر ناهي ايندي، ان وقت پاڻي متي ڪان گهڻو اوچو ٿي چڪو هوندو آهي ۽ پڇتائڻ جي علاوه ٻيو ڪجهہ نہ ورندو. جڻ والدين جي ٿوري بي پرواهي جي سبب هڪ قيمتي موتي ضايع ٿي چڪو هوندو آهي.

دیکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام برا ہے

اولاد جي مدني تربيت نہ ڪرڻ ۽ انهن کي حد ڪان وڌيڪ ڍيل ڏيڻ سبب پيءُ کي ڪهڙا ڪهڙا ڏينهن ڏسڻا پوندا آهن. اچو! هن باري ۾ 2 سبق آموز حڪايتون پڙهو ۽ اولاد جي اسلامي طريقي مطابق تربيت ڪرڻ جي نِيت ڪريو، جيئن

## اولاد جي اسلامي تربيت نہ ڪرڻ جو نقصان

هڪ شخص پنهنجي پيءُ کي چيائين: اوهان منهنجي ننڍپڻ ۾ (اسلامي تعليمات مطابق تربيت نہ ڪري) مون کي ضائع ڪيو تنهنڪري هاڻي مان اوهان کي پوڙهائپ ضائع ڪندس. (فیض القدیر،۱/۲۹۲،تحت الحدیث :۳۱۱)

## بي اولاد کي جڏهن اولاد مليو!

شيخِ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة ڪتاب”نيڪي جي دعوت“ ۾لکن ٿا: هڪ مالدار شخص کي اولاد نہ هيو، هن ان جي لاءِ وڏا جتن ڪيا پر ڪاميابي نہ ملي ڪنهن مشورو ڏنو تہ مکي شريف حاضر ٿي ۽ مسجد الحرام شريف جي اندر مقام ابراهيم وٽ دعا گهرو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جو ڪم ٿي ويندو، ان ائين ئي ڪيو الله پاڪ ان کي چند جهڙو پٽ ڏنو، ان وڏي ناز سان ان جي پرورش ڪئي، اڪيلي اولاد کي ضرورت کان وڌيڪ پيار مليو ۽ درست تربيت نہ ڪئي وئي، جنهن جي ڪري اهو آواره ۽ فضول خرچ ٿي ويو، پيءُ کي گهڻي دير کان پوءِ هوش آيو، ان پنهنجي بگڙيل پٽ کي پيسا ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا، انهيءَ ڪري اهو پنهنجي پيءُ جو مخالف ٿي ويو ۽ جتي ان جي پيءِ اولاد جي لاءِ دعا گهري جنهن جو هي نتيجو هو، اتي ئي يعني مکي شريف ۾ حاضر ٿي ڪري مقام ابراهيم وٽ نالائق پٽ پنهنجي پيءُ جي مرڻ جي دعا گهرڻ لڳو تہ جيئن پيءِ جي موت جي صورت ۾ ان جو ترڪو (يعني ورثي) ۾ ان کي دولت هٿ اچي وڃي. (نیکی کی دعوت، ص ٥٧٧)

## مجلس اِصلاح براءِ ڪلاڙيان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو! اولاد جي درست اسلامي تربيت کان غفلت ڪرڻ پيءُ کي افسوس ۽ شرمندگي جي دلدل ۾ ڌڪي سگهي ٿو. تنهنڪري خوابِ غفلت مان بيدار ٿيو، تربيتِ اولاد جا اُصول سکو، اولاد جي معاملي ۾ شرعي احڪامن کي نظر انداز نہ ڪريو، پنهنجي اولاد کي الله پاڪ جو فرمانبردار بانهو ۽ رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سچو غلام بڻايو، پنهنجي ڪردار کي سنتن جي سانچي ۾ وجهڻ جي ڪوشش تيز ڪريو ۽ اها مدني سوچ ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي

مدني ماحول سان وابستہ ٿي سنتن جي خدمت ۾ مصروف ٿي وڃو. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ کم و بيش104 شُعبن ۾ خدمتِ دين جو کم سَرانجام ڏئي رهي آهي، انهن شعبن مان هڪ شُعبو **"مجلس اصلاح براءِ کلاڙيان"** قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جو بُنيادي مقصد راندين سان وابستہ ماڻهن ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني پيغام کي عام ڪرڻ ۽ انهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪندي هن مدني مقصد **"مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي"** جي مُطابق زندگي گذارڻ جو مدني ذهن ڏيڻ آهي، وقت بوقت هن شعبي سان وابستہ افراد جي گهرن، اڪيڊميز وغيره ۾ مدني درس (درسِ فيضانِ سُنّت) ۽ مدني حلقي وغيره جي ترڪيب ٿيندي آهي. هن شعبي جا افراد دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ سان گڏوگڏ مدني قافلي ۾ بہ سفر جي سعادت حاصل ڪن ٿا. الله پاڪ "مجلس اصلاح براءِ کلاڙيان" کي وڌيڪ ترقيون نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو

تربيت اولاد جي باري ۾ مزيد معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب**"تربيتِ اولاد"** ۽ رسالو **"اولاد جا حق"** جو مطالعو ڪرڻ گهڻو فائديمند آهي. ماءُ پيءُ جي شان ۽ عظمت جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ امير اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جو رسالو"سمندري گمنذ" جو مطالعو ڪرڻ بہ نهايت مفيد ٿيندو. اِنْ شَآءَ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ذُوالحِجَّةِ الحَرام جو مبارڪ مهينو پنهنجي برڪتون لٽائي رهيو آهي. هن مهيني جي 14 تاريخ جو شيخ طريقت،اميرِ اهلسنّت

حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي والدِ محترم جو يوم ملهايو ويندو آهي. اچو! هن مناسبت سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سيرت جي ڪجھ پهلوئن جي باري ۾ ٻڌو،

## ابو عطار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ذڪرِ خير

امير اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جا والدِ ماجد حاجي عبدالرَّحمن قادِري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نيڪ سيرت، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ شريعت وسُنَّت جا پيڪر هئا، اڪثر نگاهون هيٺ رکي ڪري هلڻ جا عادي هئا، سندن دل ۾ دنياوي مال ودولت گڏ ڪرڻ جي لالچ بلڪل نہ هئي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مسجدن سان مَحَبَّت ۽ انهن جي خوب خدمت ڪندا هئا. 1979 ۾ جڏهن شَيخِ طريقت، اميرِاَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ”ڪولمبو“ (سي لنڪا) تشريف وٺي ويا تہ اتي جي ماڻھن ڪي والد صاحب کان گھڻو متاثر ڏٺائون، چوتہ سندن والد صاحب اتي جي عاليشان حَنَفي ميمن مسجد جا انتظامات سنڀاليندا هئا ۽ ان مسجد جي ڪافي خدمت بہ ڪئي هئي. پاڻ سلسلہ عاليہ قادِريہ ۾ بيعت هئا ۽ قصيده غوثيہ جو وِرد ڪندا ها، ڪولمبو ۾ قيام دوران اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ماسڙ گفتگو دوران سندن کي ٻڌايو تہ مون پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي تہ جڏهن کٽ تي ويهي اوهان جا والد صاحب قصيدهءِ غوثيہ پڙهندا هئا تہ انهن جي کٽ زمين کان بلند ٿي ويندي هئي.

## حج جي سفر ۾ وصال

اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ عالَمِ شِير خوارگي (يعني کير پيئڻ جي عمر) ۾ ئي هئا جو سندن والدِ محترم ١٣٧٠ھ مطابق1951ء ۾ سفرِ حج تي روانا ٿيا. حج جي ڏينهن ۾ منٰي ۾ سخت لُو (يعني گرم جھولا) هلڻ جي ڪري ڪيئي حاجي سڳورا فوت ٿي ويا هئا، ابو عطار حاجي عبدالرحمن بہ مختصر علالت (بيماري) کان پوءِ ١۴ ذوالحِجَّة الحرام ١٣٧٠ھ تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. (تعارفِ امير اهلسنت، ص١١)

الله ڪريم جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بَيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بَيان ۾ اسان ٻڌو ته

❖ پيءُ جي خدمت ڪرڻ جي برڪت سان اولاد تي نعمتن جا در کلي ويندا آهن. ❖ پيءُ سان حُسنِ سُلوڪ ڪرڻ جو حڪم قرآنِ ڪريم ۾ بيان ٿيو آهي. ❖ پيءُ کي جنت جو درمياني دروازو فرمايو ويو آهي. ❖ پيءُ جي احسانات جو بدلو ڪڏهن بہ ادا تي نٿو سگهي. ❖ پيءُ جي رضا ۾ الله پاڪ جي رضا آهي. ❖ پيءُ کي ناراضي ۾ الله پاڪ جي ناراضي آهي. ❖ پيءُ جي فرمانبرداري ڪرڻ ۾ الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪرڻ آهي. ❖ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ ۾ الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ آهي. ❖ پيءُ سان حُسنِ سُلوڪ نہ ڪرڻ وارو رحمتِ الٰهي کان پري ۽ غضبِ الٰهي جو حقدار ٿئي ٿو. ❖ پيءُ سان بدسُلوڪي ڪرڻ وارن کي پنهنجي ڪئي جي سزا دنيا ۾ ئي ملي ويندي آهي.

الله ڪريم اسان کي پنهنجي والد جو قدر ڪرڻ، اُن سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ ۽ انهن کي هميشہ خوش رکڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ بابت مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي اچو! گهر ۾ مدني ماحول بنائڻ بابت مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. پهريان 2 فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪريو: (1) فرمايائون: پنهنجي گهرن کي

قبرستان نہ ناهيو، بيشڪ جنهن گهر ۾ (سوره) بقره پڙهي ويندي آهي شيطان ان گهر مان ڀڄي ويندو آهي. (مسلم، ڪتاب صلاة المسافرين ،باب استحباب صلاةالنافلة في بيته۔ الخ،ص٣٠٦، حديث: ١٨٢٤) (2) فرمايائون: جنهن گهر ۾ الله پاڪ جو ذڪر ڪيو ويندو آهي ۽ جنهن گهر ۾ الله پاڪ جو ذڪر ناهي ڪيو ويندو، ان جو مثال زنده ۽ مرده جيان آهي. (بخاري، ڪتاب الدعوات، باب فضل ذڪر الله،٤/ ٢٢٠،حديث: ٦٤٠٧) ❖ گهر ۾ ايندي ويندي بُلند آواز سان سلام ڪريو. ❖ والد يا والده کي ايندي ڏسي تعظيماً بيهي رهو. ❖ ڏينهن ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو اسلامي ڀاءُ والد صاحب ۽ اسلامي ڀينرون ماءُ جي هٿن ۽ پيرن کي چمي ڏين. ❖ والدين جي سامهون آواز هلڪو رکو، انهن سان اکيون بلڪل نہ ملايو. ❖ انهن جو سونپيل هر اهو ڪم جيڪو خِلافِ شرع نہ هجي هڪدم ڪريو. ❖ ماءُ بلڪ گهر (۽ ٻاهر) جي هڪ ڏينهن جي ٻار کي بہ ”اوهان“ چئي ئي مخاطب ٿيو. ❖ پنهنجي پاڙي جي مسجد جي عشاء جي جماعت جي وقت کان ٻن ڪلاڪن جي اندر سمهي رهو. ❖ ڪاش! تهجد ۾ اک کلي وڃي نہ تہ گهٽ مان گهٽ نمازِ فجر تہ آساني سان (مسجد جي پهلي صف ۾ باجماعت) ملي ۽ پوءِ ڪم ڪار ۾ بہ سستي نہ ٿئي. ❖ گهر ۾ جيڪڏهن نمازن جي سُستي، بي پردگي، فلمن، ڊرامن ۽ ڳانن باجن جو سلسلو هجي تہ هر هر نہ ٽوڪيو. ❖ گهر ۾ ڪيترا ئي ڏڪا ٻلڪ مار بہ پوي، صبر صبر ۽ صبر ڪريو، جيڪڏهن اوهان زبان هلائيندو تہ ”مدني ماحول“ ٻڌڻ جي ڪا اُميد ناهي بلڪ وڌيڪ بِگاڙ پيدا ٿي سگهي ٿو. ❖ بي جا سختي ڪرڻ سان بسا اوقات شيطان ماڻهن کي ضدي ڪندو آهي. تنهنڪري ڪاوڙ، چڙ چڙائپ ۽ ڌرڪا ڏيڻ وغيره جي عادت بلڪل ختم ڪريو. ❖ گهر ۾ روزانو فيضانِ سُنّت جو درس ضرور ڏيو يا ٻڌو. ❖ پنهنجي گهر وارن جي دُنيا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ دِل سوزي سان دُعا بہ ڪندا رهو ڇوتہ دُعا مومن جو هٿيار آهي. ❖ ❖ گهر وارن کي گناهن ڀرين چينلز کان ڇوٽڪارو ڏياري صرف ۽ صرف **مدني چينل** ڏيکارڻ جي ترڪيب ٻڌايو. (فيضان داتا على هجويرى، ص٧)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۾ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتين ۽ آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## ايندڙ هفتہ وار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! ايندڙ هفتہ وار اجتماع جو بيان حضرت سيدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سخاوت جي متعلق ٿيندو.اِنْ شَآءَ اللّٰه

پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ غزوهء تبوڪ سميت ڪوڙ موقعن تي پنهنجو ڪثير مال راهہ خدا ۾ پيش ڪيو، اسلام قبول ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻ کي ڪيتري قدر ستايو ويو، ان باري ۾ بہ هڪ دل سوز واقعو ٻڌانداسين، سندن جي عبادت ۽ رياضت جا ڪجهہ واقعا بہ ٻڌنداسين، پاڻ ڪيتري قدر زبدست عاشق رسول هئا، ان جو بياب بہ آئينده هفتي ڪيو ويندو، اهو بہ ٻڌنداسين تہ پاڻ کي ”جامع القرآن“ جو لقب ڇو عطا ڪيو ويو، اعلٰي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا مريد ۽ خليفا صدر الافاضل حضرت علامہ مولانا مفتي سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو عرس مبارڪ بہ ويجهو آهي، تنهنڪري پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سيرت جون ڪجهہ جهلڪيون بہ اسان ٻڌنداسين.

ايندڙ جمعرات بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪيو، نہ صرف اچڻ جي بلڪ انفرادي ڪوشش ڪري ٻين کي بہ آڻڻ جي نيت ڪيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى کن بُزرگن کان نقل کن ٿا ته دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَه ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

### (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1] ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 … مجمع الزوائد، ڪتاب الادعية، باب فی ڪيفية الصلاة…الخ، 10/254، حديث: 17305